ڊاڪٽر شفيق احمد شاھاڻي
چيئر مئن، سنڌي شعبو
گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي، حيدرآباد

# صوفي صادق فقير جي ڪلام تي شاھه عبداللطيف جي ڪلام جو اثر

## (THE IMPACTS OF THE POETRY OF SHAH ABDUL LATIF ON THE POETRY OF SOOFI SADIQUE FAQEER)

*Abstract*

*The poetry of Shah Latif Bhittai is very thought full and full of spiritual meanings. Soofi Sadique Faqeer 'Sidique' is inspired of Shah Abdul Latif's poetry, he wrote kalam which is known as 'Ragnama', it is still sung in the Mehfil of Shah Inayats Dargah every week continuously. Soofi Sadique Faqeer is follower of Shah Inayat Shaheed of Jhok as well as Shah Latif Bhittai. It was Mughal Period (1595-1736) in which Shah Inayat was Murdered in 1718, through a conspiracy of Mughal Nawab and local fuedals and Pirs of Sindh. Shah Inayat was a Guide and Leader of peasent class of Lower Sindh.*

صوفي محمد صديق سومرو "صادق فقير" شاھه عنايت جھوڪ جي صوفين جي لڙهي ۾ هڪ يگانو سنڌي صوفي شاعر هو، هن جو وڏو ڪارنامو سماع لاءِ شاھ عنايت جو راڳ نامو جوڙڻ هو. هتي هن جي حياتيءَ جو مختصر ذڪر لازمي آهي.

حياتيءَ جو مختصر احوال: محمد صديق سومرو 1756ع ۾ پيدا ٿيو، سندن وڏا مالوند ۽ سانگي هئا، سندس ننڍپڻ بابت وڌيڪ احوال ميسر نه آهي. راڄ محمد پلي لکي ٿو ته:

"فقير صاحب جي عمر سورهن سترهن سال هئي ته سندس مائٽ ڪڇ ڪي الوداع چئي، اچي نئين ڪوٽ نزديڪ "ڏوڏاري" نالي مقام تي ويٺا." (پلي، 1965: 239)

صوفي صديق جا وڏا به يگانا صوفي ۽ فقيري خيال ۽ حال وارا هئا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

"سندس ڏاڏو فقير جلال الدين، شاهه عنايت شهيد جو مريد هو، پر سندس والد فقير دين محمد، بلڙي وارن بزرگن جو مريد ٿيو. فقير محمد صديق وري 'ميران پور' جي درگاهه ڏانهن موٽ ڪاڏي، جتي خاص الخاص فيض صوفي فضل الله شاهه قلندر کان مليو." (بلوچ، 1981: 30)

صديق فقير ڦوهه جواني ۾ چورن ۽ ڌاڙيلن جي سنگ سان وڃي جڙيو ۽ مشهور ٿيو، ان واقعي بابت راڄ محمد پلي لکي ٿو ته:

صادق فقير جي وڏي پاءُ، حاجي محمد سومري کي ٺٽي جي ڪنهن نواب، ڪنهن ڳالهه تان مارائي وڌو. 'صادق' فقير، پاءُ جي قاتلن کان انتقام وٺڻ جو پڪو پهه ڪري، مائٽن کان موڪلائڻ ڪانسواءِ، گهر کان نڪري، وڃي ملڪ جي مشهور ڌاڙيلن ۽ چورن جي ساٿ ۾ شامل ٿيو. (پلي، 1965 )

اهڙي ريت هن فقيري گهراڻي جي نيڪ سيرت نوجوان وقت جي حالتن جي هٿان مجبور ٿي ڌاڙ مڙسي ۽ سرڪشي واري واٽ ورتي. بهرحال صديق سومري نيٺ ان نواب کي ماري پنهنجي پاءُ جو پلاند پورو ڪيو پر پوءِ به موٽي اچي انهيءَ ساڳئي ٽولي سان رهيو.

جيئن ته محمد صديق سومرو اصلاً نيڪ فطرت ۽ صحيح سيرت وارو هو سو پنجويهن ڇويهن ورهين جي ڄمار ۾، شاهه عنايت شهيد جي درگاهه وٽان گذر ٿيس ته مٿس تنهن وقت جي گادي نشين فضل الله عرف 'شاهه قلندر' جيڪو اهل دل

درويش هو ۽ پنهنجي هلت سبب قلندر سڏبو هو جي صحبت ۾ صوفيائي رنگ ۾ رڱجي ويو.

> هو اڳئي همت ۽ حوصلي وارو هو پر هاڻي سندس ڏاڍ مڙسي ۽ سرڪشي، سلوڪ ۽ طريقت وارن مجاهدن ۽ پنهنجي نفس سان مقابلن ۾ بدلجي وئي. فضل الله شاه قلندر جي سجاده نشين وارا پندرهن سال فقير صاحب غالباً ’ميران پور‘ ۾ مرشد جي حاضري ۾ گذريا. (بلوچ، 1981: 3)

صوفي فضل الله شاهه جي وفات کان پوءِ ’ميران پور‘ مان پنهنجي ڳوٺ ’آهر‘ تعلقي عمرڪوٽ ۾ موجوده ڳوٺ ’صوفي فقير‘ ۾ اچي رهيو. ڪيتري ئي خلق خدا سندس مريديءَ ۾ آئي، ان سان گڏوگڏ مرشدن جي درگاهه ’ميران پور‘ سان به عقيدت ۽ اچ وڃ جو سلسلو قائم رکيائين.

> فضل الله شاهه قلندر جي وڏي خليفي جي حيثيت ۾ ’ميران پور‘ جي وڏن سجاده نشين به فقير صاحب جو احترام ڪيو. حقيقت ۾ شاهه قلندر جي وفات بعد فقير صاحب محمد صديق ئي ’ميران پور‘ جي صوفي قادري طريقي جو اڳواڻ ٿي رهيو، ۽ ’صوفي صادق شاهه‘ جي لقب سان مشهور ٿيو. (بلوچ، 1981: 4)

ٽالپر ميرن جي آخري دور حڪومت ۾ حيدرآباد جي ميرن هڪ مسڪين مڱڻهارن سان ڏاڍ ۽ زور آوري ڪئي، جيڪو اِها دانهن صديق فقير وٽ کڻي پهتو. فقير صاحب جي چوڻ باوجود غريب مڱڻهار جو داد نه ٿيو ته فقير صاحب جوش ۽ جلال ۾ اچي چيو ته: ”اوهان به انهيءَ حالت ۾ جيڪا حڪومت ڪئي سا ڪئي“. پوءِ هي بيت چيائين:

پورا اچي پيل، ساري سنڌ ’صديق‘ چئي،
ٻڌي نه ٻڌي جهڙي، ٻاروچاڻي ٻيلهه،
حيدرآباد ۾ هل ٿيو رت وهي ٿيو ريل،

دریاء مٿان ريل ٽوپر اچي ٽپاءِ ٽون.

عليمداداڻي اولون ٿيا، پئو ٽالپرن ۾ ٽاهه،
ست شهداداڻين چڙيو، پيو ٽاراڻين ۾ ٽاهه،
مردودن ملا، ويئي سنڌ ’صديق‘ چئي.

(پلي، 1965: 255)

صوفي محمد صديق فقير 92 سال عمر ماڻي سن 1848ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ’آهر‘ ۾ وصال ڪيو، جتي سندس مقبرو آهي.

## صديق فقير ’صادق‘ جو ڪلام:

هن صوفي فقير ’صادق‘ ۽ ’صديق‘ جي تخلص سان ڪلام چيو آهي. ’شاهه جي راڳ‘ جي طرز تي جهوڪ شريف ۾ شاهه عنايت شهيد جي درگاهه جي سجاده نشين فضل الله شاهه قلندر جي دؤر ۾ درگاهه تي راڳ جو سلسلو شروع ڪرايائين.

> فقير محمد صديق رحه جي شروع ڪرايل راڳ ۽ ان راڳ ۾ ڳايل ڪلام بابت ’راڳنامو‘ تاليف ڪيو ويو ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌي راڳ جي تاريخي روايت ۾ هي ’ٻيو راڳنامو‘ هو جيڪو شاهه جي رسالي واري ’راڳنامي‘ کان پوءِ مرتب ٿيو. (بلوچ، 1981، 6)

راڳنامي ۾ صوفي محمد صديق جي ڪلام سان گڏ شاهه لطيف ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام به آيل آهي:

> هن ۾ شامل ’ٻاهرئين ڪلام‘ جو وڏو حصو ’شاهه جي رسالي‘ مان کنيل آهي، ۽ ٻئي نمبر تي ٻين آڳاٽن يا معاصر شاعرن جو ڪلام ان ۾ شامل آهي. ’راڳنامي‘ جو مکيه حصو خود فقير صاحب محمد صديق عرف صادق

شاهه جي بيتن ۾ صدائن تي شامل آهي. (بلوچ، 1981ع: ص 15)

صوفي محمد صديق، شاهه لطيف جي ڪلام جي ڪيترن ئي نڪتن ڪي پنهنجي شاعريءَ ۾ نروار ڪيو آهي ۾ ان ڪي مجتا ڏئي ساراهيو آهي، محبوب جو جلوو هرهنڌ ۾ هرجاءِ هجڻ واري وحدت الوجودي فڪر ڪي شاهه لطيف پنهنجي مخصوص انداز ۾ بيان ڪندي چوي ٿو ته:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ چڱاٽو چوڏار،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين باغ بهار،
ڪانهي ٻي تَنوار، ٿيو مِڙوئي مينڌرو.

آڏواڻي، 2013: 219)

صوفي محمد صديق شاهه لطيف کان گهڻو متاثر هو هن جو بيت آهي ته:

ڪي جو چيو ’ڪاپڙي‘، سو صادق سيباڻو،
آه مِڙوئي مينڌرو، پر پنڌ پرانهون،
سپ تو منجهه سيباڻو، تون مڙني ۾ محيط ٿئين.
(بلوچ، 2012، 24 )

صوفي محمد صديق هن بيت ۾ شاهه لطيف کي ’ڪاپڙي‘ سڏيندي سندس انهي بيت واري رمز کي روشن ڪندي چوي ٿو ته هر شيءِ ۾ محبوب جو جلوو بيشڪ آهي پر ان کي ماڻڻ (ان معنيٰ ۾ مطلب کي سمجهڻ واري منزل) واري منزل پري آهي.

مذهب، تصوف، دنيا بابت استفهام: اهڙي ريت صادق فقير محبوب جي متلاشي پانڌيئڙن کي نوان نرالا خيال، سوچون ۽ واٽون به نروار ڪري ڏئي ٿو، جيڪي پڙهي هينئون حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو:

الله اوراهون چڙي، پري پنڌ پيا،
بنا نالي سپرين اجا کي پيا،
واڪيندا ويا، ’صادق‘ پڌي سندرا.
(بلوچ، 1981
ص )

رسول بخش پليجو جهوڪ جي تاريخ ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو ته:

صوفي صادق صاحب انهن صوفين منجهان هو، جن صوفين جو هڪ وڏو داستان آهي، تصوف مذهب جو حصو آهي ۽ مذهب دنيا جي ماڻهن طرفان ان ڳالهه جي ڳولا جي ڪوشش جو حصو آهي ته هي جهان ڇا آهي؟ ۽ ڪيئن وجود ۾ آيو؟ ڇو وجود ۾ آيو؟ (پليجو، 2015: 20)

اهڙي ريت تصوف کي مذهب جو جديد سائنسي روپ پڻ قرار ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي ڊين اينج Deaninge جي حوالي سان لکي ٿو ته:

He speaks of mysticis’s as the most scientific form of religion, and yet introduces into it element of vagueness when he describes religius mysticism as and immediate communion, real or supposed, Between the human joul and the soul of the world, or the Divine spirit. (Gurbaxani, 2018, P.13)

وقت نه وڃائڻ ووڙڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ: صوفي محمد صديق ’صادق‘ جي شاعريءَ ۾ صوفياڻا ۽ نصيحت آميز نڪتا به پنهنجي پختائي ۽ نرالي رنگ ۽ ڍنگ سان موجود ملن ٿا. زماني جي تيز

رفتار سان همقدم ٿي هلڻ، ووڙڻ، ولوڙڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ جو ڏس ڏيندي خبردار ڪري ٿو ته سپاٽي ساڳيو وقت نه رهندو:

اٿي اورج اڇ، سپان لاءِ 'صديق' چئي،
واڇي جيئن وڇ، مٿي ڪي مرلي ڪري.
(بلوچ، 1981،25 )

**محمد صديق فقير 'صادق' جي ڪلام ۾ سسئي جو بيان:**

سسئي ڪي جاڳايو جتن: سسئي بابت ڪلام صديق فقير صادق سسئي ڪي چوي ٿو ته جن وڃڻ جو قصد ڪري ڇڏيو آهي، اهي جنهن پار جون پچارون پيا ڪن اوڏانهن ئي اسهندا. سسئي ڪي ته جتن دراصل سجاڳ ڪري ڇڏيو، جو هو انهيءَ آزار ملڻ ڪان پوءِ پنهنجي پرينءَ جي تلاش ۽ جستجو ۾ نڪري پڇي راس ٿي:

منڌ! جٿيندا ڪيترو، جي هلان هلان ڪن،
اوئي انهيءَ پار جون، پنڌ پچارون ڪن،
سسئي ڪي 'صديق' چئي، جاڳايو جتن،
پيئنر مان پرن، هن سوريتيءَ جا سپرين.

(بلوچ، 1981،154)

محمد صديق فقير جي سسئي ڪي هڪ صوفياڻي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ پاڻ وڃائي پنڌ ڪر ته پوءِ ڪنهن طرح تنهنجو نصيب توکي محبوب سان ملائي.

پاڻ وجائي پنڌ ۾، هاٽي ڪاهِلي،
’صادق‘ ان سسئي ڪي، ويا سور سلي،
پينر پاڳ پلي، مان ملان اوئين.
(بلوچ، 1981: 150)

اڻ سونهين ڪي شرڪ ۽ شڪ: انسان کي سخت مشڪلاتن ۾ ڪيئي وهم ۽ وسوسا ٿين ٿا ۽ پنهنجي پختي ارادي ۽ توڙ تائين پهچڻ واري عزم تان ٿيڙ کائڻ لڳي ٿو، انهيءَ ڪيفيت کي عيان ڪندي صديق فقير چئي ٿو.

هڪ جبل جاڏا اڀريا، ٻيو جهنگل پوءِ جَهڪَّ،
اچن اڻ سونهين کي، شِرڪ گهڻائي شَڪَّ،
سي لنگهيائين لَڪَ، ڪنهن سبب سان ’صديق‘ چئي.

(بلوچ، 1981: 156)

شاهه لطيف به سسئي جي بيوسي، بيزاري ۽ مايوسي واري عارضي ڪيفيت بيان ڪئي آهي:

”ڪوءِ هاڙهو! ٻَنِ هوتُ! ڪوءِ پنهون، ٻن پريتڻو!“
(آڏواڻي، 2013: 170)

چپر ڪٿوري ٿيو: صديق فقير سسئي جي جبل جهاڳڻ ۽ ٽڪر ٽاڪڻ جو منظر منفرد ۽ نرالين تشبيهن سان نروار ڪري ٿو، هن ’صدا‘ (وائي) ۾ چوي ٿو ته: ”اي ماءُ! ٽڪر منهنجا پير گسائي چڏيا آهن، اها عورت جڻ ڪنگوءَ ٽاري جيان ڳاڙهي ٿي وئي هجي. سڄو جبل ڪستوريءَ خوشبو جيان واسجي ويو، جڻ

وڻن جو تازو ٻور مهڪيو هجي. پتنگ به صبوح جو اچي ويا ۽ مور منهڙن تي اچن لٿا آهن.”

ٽڪرَ ماءُ پيرَ ٽرٽيا، سا منڊ ڪنگُوءِ ڪور،
ڇپر ڪٿوري ٿيو، ڪر تازڙي ڦلن ڦور،
اچن پرهه پتنگيا، ڪريا منهڙا ۽ مور.

(بلوچ، 1981: 159)

لطيف سائين سسئي کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه پيرُ نه لهين پرينءَ جو.

**صديق فقير چوي ٿو ته:**

صباح ناهي ’صديق‘ چئي، اٿي اورج هير،
ڏگها ڪري پير، پئي ويهندي پٽ ۾.

سسئيءَ جو عزم: صديق فقير سسئي جي عزم، پختي ارادي ۽ حشمت جو ڀرپور اظهار ڪري ٿو:

جا هڪل ڪيم هوت کي، چاڙهيڪن چڙهي،
تنهن لَڪَّ سپيئي لهسيا، ويو ساٿ سڙي،

واڪو ناھِه وَٽِي، ٻاروچاٽي ذات جو.
(بلوچ، 1981: 151)

شاهه لطيف چيو ته پنهونءَ جي فراق ۾ سسئي جي آهه و زاري جو اهڙو اثر ٿيو جو اهڙي ڪوسي لوءَ لڳي جو سڄو جهان ان جي تپش ۾ لهسجي ويو.

”لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مِڙوئي لهسيو.“
(آڏواڻي، 2013: 100)

شاهه لطيف سسئي جي بيان ۾ چيو ته پاڻ ڪي هستي ڀانيم تيسين جدائي جو عذاب هو، پر جڏهن وجود وڃايم تڏهن پاڻ ئي محبوب ٿي پيس.

”پنهونءَ ٿيس پاڻ سسئي تان سُور هئا.“
(آڏواڻي، 2013: 107)

پنهون ٿيس پاڻ، ڏوريان مُ لهان: محمد صديق فقير انهيءَ مٿانهين معنيٰ ۽ مطلب واري نڪتي کي نروار ڪندي چيو ته:

جيئري جدا ڪَينَ ڪِين، مُئي به تهين ساڻ،
ڏوريان نه لهان. پنهون ٿيس پاڻ، ڏوريان
(بلوچ، 1981: 150)

محمد صديق فقير ’صادق‘ شاهه لطيف جي شاعريءَ کان متاثر ضرور آهي، ۽ سندس بيت شاهه لطيف جي فڪر جي معنيٰ ۽ مطلب کي وڌيڪ چٽو ڪن ٿا. جڏهن ته:

ڪن سُرن هيٺ ڪي بيت نون ظاهري اهڃاڻن ۽ نون موضوعن بابت آهن، جيڪي فقير صاحب جي پنهنجي ذاتي ذوق ۽ فڪر جو نتيجو آهن. (بلوچ، 1981: 16)

محمد صديق فقير ’صادق‘ پنهنجي دؤر جو هڪ اڳواڻ صوفي پرچارڪ ۽ پيشوا رهيو آهي، سندس سسئي بابت ۽ ٻئي ڪلام ۾ يقيني طور جدت، نيرنگيون ۽ نرالو فڪر ۽ فهم به واضح نظر اچي ٿو.

صوفي صادق فقير سنڌ جو جهوڪ واري مڪتبِ فڪر جو هڪ متحرڪ صوفي ڪردار هو. جنهن جهوڪ جي صوفياڻي تحريڪ کي ٻيهر جائتو ڪيو ۽ ان کي ساڳئي شاهه عنايت جهوڪ واري رنگ ۾ رڱي ڇڏيو. سنڌ جي صوفين ۾ هن جو ذڪر هر وقت ۽ هر جاءِ تي قائم دائم رهندو.

## حوالا

آڏواڻي، پيرومل مهرچند. (2017). شاهه جو رسالو، ڇاپو پيو. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي ساهت گهر.

بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر. (1981). مقدمه راڳ نامو، ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

پلي، راڄ محمد. (1965). صوفي صادق فقير. مهراڻ: ڏهه ساله نمبر. ڄامشورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ.

Gurbxani, Hotchand Malchand. ( 2018)A.D. “Mysticism in the early nineteenth century poetry of England”, Hyderabad Sindh: Sindhi Language Authority